

SHAH JO RISALO
شاهه لطيف جي رسالي ۾ استعمال
ٿيندڙ ڏکين لفظن جي معني
ترتيب :
علام آءِ آءِ قاضي
www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **ٻيانوي** (92) اوھان اڳيان پيش ڪجي ٿو. ھي گلدستي جھڙو ڪتاب **شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي** ۾ استعمال ٿيل ڏکين لفظن جي معنيٰ تي مشتمل آھي. جنھن جي ترتيب علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب جي رسالي مان اسڪين ڪيل آھي.

ٿورائتا آھيون پياري دوست وقار احمد سومري جا جنھن جي محنت سان رسالي مان اسڪين ڪيل صفحا سندس فيسبوڪ پيج تان ڪتابي صورت ۾ سنڌ سلامت تي پيش ڪجن ٿا. ھن محنت جو مقصد ھڪ ئي آھي تہ لطيف سائينءَ جو پيغام وڌ کان وڌ دوستن تائين سولي نموني ۽ سمجھاڻيءَ سان گڏ پھچائجي.

اوھان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڄاھ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رھنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

هنڊوا: ميڻهن وساوڙا (ڳاڙها جيت).
هُنگ: هُونگار. هڪل.
هِنگلور: هنگلاج.
هينهان: هن ڪان پوءِ.
هينئار: هن سال. هيئنر.
هٿيي وبا: ڦري ويا.
هوائون: وهم. اجايا خيال.
هوائي: نابود. خام.
هوتُ: بلوچن جي 'هوت' قبيلي
جو فرد. پنهون. محبوب.
هوتاڻي: 'هوت' بلوچن سنجهان.
پنهون. محبوب.
هور: هرڪر. ڪُٽڪو.
هورا: ڳڻتي. انتظار.
هوڙاڪ: هوڙو. ننڍي ٻيڙي.
هول: ڊپ. فڪر.
هُون: هُجن.

هُونءَ: سان. آءٌ.
هوندو: جيڪي موجود هجي.
هينان: هيٺان.
هٺائين: هيٺائين.
هُٿڙ: هٿ. هستي.
هيءُ: هيءُ وجود. هستي.
هيجان: هيج سان. پيار مان.
هيج هرج: هيڏانهن هوڏانهن ڪرڻ.
هيڏي: اُٺ جي واڳ. پاڪڙو.
هيرئون: هريل.
هيڪاند: سيلاب. گڏ جائي.
هيَنِ: سُيَنِ. سُٺيَنِ.
هيهات: افسوس - هاءِ هاءِ.
هَيْهات هَيهات لِمَا توعدون:
هاءِ شل (پري هجي) اها
ڳالهه جنهن جو توهان کي
ڊپ ڏنو ويو آهي.